# مديني جون برڪتون

## 22-June-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

22 جون 2023ء تي اسلامي ڀائرن جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مديني جون برڪتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ......!

✿... جنت ڪنهن شيءِ مان ٺهي آهي

✿... قرآن پاڪ ۾ مديني پاڪ جو ذڪرِ خير

✿... مدينو مرادون پوريون ٿيڻ جو مقام آهي

✿... يَوۡمُ الۡخِلَاص (صفائي جو ڏينهن) ڇا آهي..؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ترانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرود شريف جي فضيلت

شُعَبُ الْاِيمان ۾ آهي: جيڪو ٻانهو پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جي روضي انور تي حاضر ٿيو ۽ هي آيت تلاوت ڪئي.

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾ (سيپارو: 22، سورة احزاب، آيت: 56) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبي تي درود موڪلن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو. |

پوءِ 70 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهي تہ هڪ ملائڪ ان کي پڪاري چوندو آهي: اي فلاڻا الله پاڪ توتي رحمتون نازل فرمائي! تنهنجي ڪا حاجت باقي نہ رهي.
(شعب الايمان، ص:77 )

سُبْحٰنَ الله! ڪيتري تہ شان آهي درود پاڪ جي...!! الله پاڪ اسان کي بہ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پرنور روضي جي حاضري نصيب فرمائي، ڪاش! سنهري جارين جي سامهون، مٿو جهڪائي، هٿ ٻڌي، ادب سان، عشقِ رسول ۾ روئيندي درود پاڪ پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. جيڪڏهن اسان ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي عادت ٺاهيون تہ ان شآءَ الله الڪريم! مديني جي حاضري بہ نصيب ٿي ئي ويندي. الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان درود پاڪ

پڙهڻ جي توفيق نصيب ڪري. اچو! بارگاهہ رسالت ۾ درخواست پيش ڪيون ٿا:

| | |
|---|---|
| مجھے مدینے کی دو اجازت | نبیٔ رحمت، شفیعِ اُمّت |
| پلاؤ بُلوا کے جامِ اُلفت | نبیٔ رحمت، شفیعِ اُمّت |
| قلیل روزی پہ دو قناعت | فضول گوئی سے دیدو نفرت |
| درود پڑھتا رہوں بکثرت | نبیٔ رحمت، شفیعِ اُمّت |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيّت اَفضل تَرين عَمَل آهي.[1] اي عاشقانِ رسول! سني نيّت بانهي کي جنّت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي. بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيّتون ڪري ڇڏيو! مثلاً نيت ڪيو! ۞ عِلمِ دين سکڻ لاءِ پورو بيان ٻڌندس ۞ ادب سان ويهندس ۞ پنهنجي اصلاح جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ مجذوب جي نصيحت

شيخِ طريقت اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا پير صاحب سيدي قطبِ مدينہ مولانا ضياءُالدّين مدني صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا ڪامل ولي هئا، ڪين اها سعادت نصيب ٿي جو 75 سال مديني پاڪ ۾ رهڻ جو شرف مليو. هاڻي بہ الحمد لله! جنت البقيع ۾ آرام

[1] ...جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔

فرما آهن. سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو اهو معمول مبارڪ هو تہ سندن رهائش تي محفلِ پاڪ ٿيندي هئي، پاڪستان، هند يا ٻين ملڪن مان جيڪي عالم سڳورا مديني منوره حاضر ٿيندا هئا، اهي بہ هن محفلِ پاڪ ۾ بيان فرما ئيندا هئا.

هڪ ڀيري پاڪستان جا هڪ وڏا عالمِ دين حضرت علامہ منظور احمد شاهہ صاحب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مديني پاڪ ۾ حاضر هئا، انهن سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي رهائش گاهہ تي محفل پاڪ ۾ بيان فرمايو، هن بيان ۾ پاڻ پنهنجو واقعو ٻڌايائون، ڏاڍو ايمان تازو ڪندڙ واقعو آهي، فرمائڻ لڳا: مديني پاڪ ۾ جتي منهنجي رهائش گاهہ آهي، اتان ڪان مسجد نبوي شريف ايندي، رستي ۾ هڪ مجذوب نظر ايندو هو(مجذوب بہ الله پاڪ جو ولي ﷫ شريعت جو پابند هوندو آهي، ان تي الله پاڪ جي محبت ايتري غالب اچي ويندي آهي جو ان ڪي دنيا جو هوش ناهي رهندو، ان ڪري بظاهر ڏسڻ ۾ ديوانو لڳندو آهي).

خير! علاّمہ منظور احمد شاهہ صاحب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: اهو مجذوب رستي ۾ نظر ايندو هو پر ڪڏهن ان ڏانهن ڪا خاص توجهہ نہ وئي، مان ان ڪي ڪو عام ديوانو سمجهي گذري هليو ويندو هئس، هڪ ڏينهن رَوۡضَةُ الۡجَنَّه (جنتي ٻاري يعني پياري آقا، مڪي مدني مصطفي جي روضہ انور ۽ منبر اقدس جي درميان واري جڳهہ) جي حاضري جي سعادت ملي، هتان سعادتون ماڻڻ ڪان بعد مان جنت البقيع هليو ويس، ان دوران ائين ئي منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ سُبۡحٰنَ الله! مدينو پاڪ اهو مبارڪ شهر آهي، جتي بہ جنتون آهن:

(1): رَوۡضَةُالۡجَنّة (2): جنّتُ الۡبَقِيۡع

اهڙي طرح جون ڳالهيون سوچيندي مان پنهنجي رهائش گاهہ ڏانهن وڃي رهيو هئس، رستي ۾ انهيءَ مجذوب صاحب وٽان گذر ٿيو، ان مون کي سڏيو:

اَخِی! تَعَال ياءُ هيڏي اچو....! اِسۡمَعۡ کَلَامِی منهنجي ڳالهه ٻڌو! مان ويجهو ويس انهن پنهنجو هٿ منهنجي ڪنڌ تي رکيو ۽ فرمايو: وَ اللهِ الۡعَظِيۡم اللهُ حَیٌّ وَرَسُوۡلُهٗ حَیٌّ الله پاڪ جو قسم! الله پاڪ به زنده آهي ۽ ان جي عطا سان سندس پيارا رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ به زنده آهن. هُو قسم کڻڻ کان پوءِ فرمائڻ لڳو: وَاللهِ الۡعَظِيۡم! اَلۡمَدِيۡنَةُ کُلُّهَا جَنَّةُ الۡفِرۡدَوۡس الله پاڪ جو قسم! مديني پاڪ (۾ رڳو به جنتون ناهن بلڪ مدينو شريف) پورو ئي جنت الفردوس آهي.[1]

جنّت سے نہ کر واعِظ تعبیر مدینے کی | جنّت بھی ہے دُھندلی سی تَصویر مدینے کی

مولانا منظور احمد شاهه صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اهو واقعو سيدي قطبِ مدينه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي سامهون، محفل پاڪ ۾ ٻڌايو ته ماڻهن کي ان مجذوب صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سان ملڻ جو شوق ٿيو پر تلاش جي باوجود اهو ڪاٿي نظر نه آيو.

عشاق سمجھتے ہیں اسے گلشنِ جنّت | کہتے ہیں جسے لوگ بیابانِ مُحَمَّد

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مديني پاڪ کي جنت چوڻ ڪيئن...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! مدينو مدينو آهي، مديني پاڪ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، واقعي مدينو پاڪ عاشقن جي جنت آهي. هتي وضاحت ڪري ڇڏيان ته مديني شريف ۾ خاص زمين جو اهو حصو جيڪو پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسم پاڪ کان مليل آهي يعني قبر مبارڪ جو اندروني حصو هي جنت ته ڇا عرش اعظم کان به افضل آهي. (فتاویٰ رضويه، جلد:10، صفحه:711)

---

[1]...مدينة الرسول، صفحه:415۔

هن زمين جي حصي کان علاوه مديني شريف جي باقي زمين مثلاً مديني شريف جون گهٽيون، مديني شريف جي مقدس بازار وغيره کي بہ عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام جنت چوندا آهن. مثلاً خليفہ اعليٰ حضرت مولانا جميل نوري رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه لکن ٿا:

مدینے میں ہزاروں جنتیں اُن کو نظر آئیں | نظارہ کر تو لیں اک بار رِضواں میری جنّت کا [1]

اهڙي جڳهہ جنت مان اها حَقيقي جنت مراد ناهي هوندي، هي اهلِ عشق جو پنهنجو نرالو مزاج آهي، هي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نسبت جي ڪري مديني کي جنت چوندا ۽ مديني جا طلبگار بہ هوندا آهن.

کوئی جائے گا دوزخ کو، کوئی جنّت میں پہنچے گا | مدینے کی طرف دوڑے گا دِیوانہ مُحَمَّد کا

مولانا حسن رضا خان صاحب رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه لکن ٿا:

سَیرِ گلشن کون دیکھے دشتِ طیبہ چھوڑ کر | سُوئے جنّت کون جائے، دَر تمہارا چھوڑ کر
ایسے جلوے پر کروں میں لاکھ حُورَوں کو نثار | کیا غرض کیوں جاؤں جنّت کو مدینہ چھوڑ کر

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنت ڪنهن شيءِ مان ٺهيل آهي....؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ٿو ڪنهن جي ذهن ۾ سوال اُڀري رهيو هجي تہ اهلِ عشق جنت کان وڌيڪ مديني کي ڇو طلب ڪندا آهن؟ مديني شريف کان ايتري محبت ڇو ڪئي ويندي آهي؟ ان جي متعلق اچو! هڪ حديث ٻڌون ٿا:

امام بخاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي استادن جي استاد محدث عبدالرزاق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه حديث پاڪ ذڪر ڪئي آهي، وڏي مشهور حديث شريف آهي. صحابي رسول حضرتِ

---

[1] ...قبالۀ بخشش، صفحہ:44۔

جابِر رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا، مون عرض ڪيو: ”يارسولَ الله (صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! مون کي ٻڌايو تہ سڀ کان پهريان الله پاڪ ڪهڙي شيءِ ناهي؟“ فرمايائون: ”اي جابِر ! بيشڪ الله پاڪ تمام مخلوقات کان پهريان جيڪا شيءِ پيدا فرمائي اهو تنهنجي نبي صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نور مبارڪ آهي.

رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وڌيڪ فرمايو: الله پاڪ ان نور کي پيدا فرمائي ڪري 12 هزار سال قرب ۾ رکيو، پوءِ ان نور جا 4 حصا ڪيا، ان جي ٽن حصن مان عرش، ڪرسي ۽ عرش کڻڻ وارا ملائڪ پيدا فرمايا ۽ ان نور پاڪ جي چوٿين حصي کي وري ٻارهن هزار سالن تائين مقامِ محبت ۾ رکيو، وري 12 هزار سال کان بعد ان جا 4 حصا ڪيا، هڪ حصي مان قلم، هڪ حصي مان لوح ۽ هڪ حصي مان جنت ٺاهي وئي.(1)

سُبۡحٰنَ الله! اي عاشقانِ مدينہ! ٿورو غور فرمايو! ❁ جنت جيڪا مقامِ رحمت آهي ❁ اها جنت جنهن جو نيڪ ماڻهن سان وعدو ڪيو ويو آهي ❁ اها جنت جنهن جا قرآن ۽ حديث ۾ فضائل بيان ٿيا آهن، اها ئي جنت جن جي نور جي هڪ حصي مان ٺهي آهي، اهي نور وارا آقا صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ جنهن شهر پرنور ۾ تشريف فرما آهن، ان کي مدينو چيو ويندو آهي، پوءِ عاشق چو نہ چون تہ مدينو سمورو ئي جنت الفردوس آهي. سيدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه لکن ٿا:

اِتنا عجب بلندیِ جنّت پہ کس لئے
دیکھا نہیں کہ بھیک یہ کس اُونچے گھر کی ہے

**وضاحت:** يعني جنت ستن آسمانن کان مٿي آهي، جنت جي اهڙي اوچائي ۽ بلند شان تي تعجب ڪرڻ جي ڪا ڳالهہ ناهي، ڇا ڏسو نٿا تہ اها ڪهڙي اوچي گهر يعني مالڪِ جنت، صاحبِ ڪوثر صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عطا ڪيل خيرات آهي.

---

[1]...مصنف عبد الرزّاق، صفحہ:63-64۔

هن کان اڳتي سيدي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت ڪمال جي ڳالهه چئي آهي، جنت جيڪا آهي، اها ستن آسمانن کان مٿي آهي ۽ جنت جي ڇت عرش اعظم آهي، هاڻي اعلٰي حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو خيال بيمثال ڏسو! لکن ٿا:

عرشِ بَرِیں پہ کیوں نہ ہو فردوس کا دماغ
اُتری ہوئی شبیہ ترے بام و دَر کی ہے

**وضاحت:** جنت جي ڇت جيڪا عرش اعظم آهي، هن کي ان پهلو سان ڏسو ته ڇڻ ناز ۽ فخر ۾ جنت جو دماغ عرش اعظم تائين وڃي پهچي ٿو، اهو ناز، اهو فخر ڇو آهي، انکري جو جنت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي درو ديوار جي شبيهه يعني تصوير آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآنِ ڪريم ۾ مدينهءِ منوره جو ذڪر خير

اي عاشقانِ مدينه! مدينو مُنَوَّر وڏي شان وارو شهر آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ڪيئي مقامن تي ان جو ذڪر خير ڪيو آهي بلڪ مديني پاڪ جو معروف نالو يعني ”مَدِيْنَہ“ به قرآنِ ڪريم ۾ 4 پيرا آيو آهي. قرآن ڪريم ۾ هڪ هنڌ مديني کي مُدْخَلَ صِدْقٍ (يعني داخِل ٿيڻ جي سچي جڳهه) فرمايو ويو آهي، هڪ هنڌ مديني شريف کي دَارُ الْهِجْرَت (يعني هجرت جو مقام) ۽ دارُ الْاِيمان (يعني ايمان جو گهر) فرمايو ويو. هڪ مقام تي هن مبارڪ شهر کي حَسَنَہ (يعني خوبصورت) چيو ويو آهي.

## مدينو ”اَرضُ الله“ آهي

اهڙي طرح مديني پاڪ جي هڪ اهم فضيلت هيءَ به آهي ته ربّ ڪائنات قرآنِ ڪريم ۾ ان کي اَرْضُ الله (يعني الله پاڪ جي زمين) فرمايو آهي. جيئن ارشاد آهي:

| ترجموڪنزالايمان: ڇا الله جي زمين ڪليل نہ هئي جو توهان ان ۾ هجرت ڪريوها. | اَلَمْ تَكُنْ اَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوْا فِيْهَا ؕ (پاره5،سورةالنساء:97) |
|---|---|

عالم سڳورا فرمائن ٿا: هن آيت ۾ ”اَرضُ اللّٰه“ مان مراد مدينو پاڪ آهي.

(وفاء الوفاء(مترجم)، جلد:1، صفحہ:52)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اي عاشقانِ مدينہ! الحمد لله! مدينو پاڪ نهايت بابرڪت مقام آهي، اچو! مديني جون ڪجهہ برڪتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

## (1) مديني پاڪ جي هر شيءِ برڪت واري آهي

مديني پاڪ جي هڪ نهايت اهم برڪت اها بہ آهي تہ هتي هر شيءِ ۾ بيٺي برڪت رکي وئي آهي. جيئن تہ صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مديني پاڪ جي حق ۾ هيئن دعا فرمائي:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ بِالْمَدِيْنَةِ ضِعْفَيْ مَا جَعَلْتَ بِمَكَّةَ مِنَ الْبَرَكَةِ

يعني اي الله پاڪ! جيتري برڪت تو مڪي پاڪ ۾ رکي آهي، ان کان ٻيڻي برڪت مديني پاڪ ۾ رک. (1)

هن حديث پاڪ جي شرح ڪندي عالم سڳورا فرمائن ٿا: هن حديث پاڪ مان ظاهري باطني ٻنهي طرح جون برڪتون مراد آهن يعني دعاءِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

[1] ...بخاری، ابواب ذکر المدينة، صفحہ:21۔

جي معنٰي هيءَ آهي تہ اي اللہ پاڪ! مديني پاڪ جي عبادت ۾، مديني پاڪ جي رزق ۾ مڪي پاڪ جي نسبت ٻيڻي برڪت عطا فرماءِ. مُفَسِّرِشَہِیرحکیمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مديني پاڪ ۾ رزق جون برڪتون تہ اڄ بہ اکين سان ڏٺيون پيون وڃن تہ اتي(هر طرح جا) ميوا، فروٽ ميسر هوندا آهن، اتان جي آب و هوا اهڙي پياري آهي جو مڪي پاڪ جي اهڙي ناهي ۽ عشق جو فيصلو اهو آهي تہ مڪي پاڪ جي عبادت جو ثواب جيتوڻيڪ زياده آهي (جو اتي هڪ نماز جو ثواب هڪ لک جي برابر آهي پر) مديني پاڪ جي عبادت ۾ اللہ پاڪ جو قرب وڌيڪ آهي، هن عبادت جو درجو اعلٰي آهي. [1]

شاہ تم نے مدینہ اپنایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی
اپنا روضہ اسی میں بنوایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی

ہر طرف بھینی بھینی ہے خوشبو، سوز ہی سوز ہر جگہ ہر سُو
فرش تا عرش نور ہے چھایا، واہ کیا بات ہے مدینے کی [2]

## (2) : مرادون پوريون ٿيڻ جو مقام

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني پاڪ جي برڪتن مان هڪ برڪت اها بہ آهي تہ هي اهو مبارڪ شهر آهي جتي دل جون مرادون پوريون ٿينديون آهن. مولانا حسن رضا خان صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڇا تہ خوب فرمايو آهي. لکن ٿا:

کمر بندھنا دیارِ طیبہ کو کھلنا ہے قسمت کا | بُلاتے ہیں اسی کو جس کی بگڑی یہ بناتے ہیں

اها واقعي حقيقت آهي، مديني جو گهرائڻ ئي هن ڳالهہ جي علامت آهي تہ ٻانهي جي قسمت کلي وئي آهي، هاڻي مرادون پوريون ٿيڻ، مشڪلاتون ٽرڻ ۽

---

[1] ...مرآةُ المناجيح، ۔

[2] ...وسائل بخشش، صفحہ:388-390۔

پريشانيون دور ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي. جيڪي مديني ويا آهن، ٿورو انهن کان پڇي ونو! سيدي اعلٰي حضرت رَحْمَةُاللہِ عَلَيْه جو جيڪو هي شعر آهي:

منگتا کا ہاتھ اُٹھتے ہی داتا کی دَین تھی | دُور قبول و عرض میں بس ہاتھ بھر کی ہے

هن شعر جي حقيقي تعبير مديني پاڪ ۾ واقعي محسوس ٿيندي آهي. اتي هڪ اڌ پيرو نه بلڪ بار بار ائين ٿيندو آهي، اجان دل ۾ خيال ئي ايندو آهي ته مراد پوري ٿي ويندي آهي، ڪا مشڪل اچي وجي، ڪا دشواري پيش اچي ته رڳو **يارسول الله! پڪارڻ جي دير هوندي آهي، مشڪل ٽري ويندي آهي.**

## مرادون پوريون ٿيڻ جا مختصر واقعا

هن حوالي سان هزارين واقعا ڪتابن ۾ لکيل آهن: مثال طور حضرت امام ابو بڪر بن مُقرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان ۽ امام طَبَراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ ابو الشيخ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان ٽئي مديني شريف ۾ حاضر هئاسين. بن ڏينهن کان کاڌو نه مليو هو ۽ بک سبب بيحال ٿي ويا هئاسين. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربار ۾ عرض ڪئي، پياري آقاصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن جي خواب ۾ اچي ڪري انهن کي کاڌو پهچائڻ جو حڪم ارشاد فرمايو. (وفاء الوفا،الباب الثامن، فصل الثالث فی توسل...الخ،جز:4 ،جلد:2 ، صفحہ:200 خلاصۃً)

حضرت احمد بن نفيس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان هڪ دفعي مديني پاڪ ۾ سخت بک جي حالت ۾ سرڪار عالي وقار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مزارِ پُرانوار تي حاضر ٿيس، بُک لڳل هئي، سخين جي سخي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيم، اجان ٿوري ئي دير گذري هئي ته هڪ شخص آيو، مون کي گڏ هلڻ جي دعوت ڏني، مان ان سان گڏ ان جي گهر آيس، بهترين کاڌو پيش ڪندي چيو: پيٽ ڀري کائو ڇو ته مون کي اوهان جي ميزباني جو حڪم ڏنو ويو آهي. (حُجَّةُ اللهِ عَلَى الْعٰلَمِين، القسم الرابع ، الباب الثانی ،الفصل الثالث،صفحہ:573 خلاصۃً) ❁ حضرت احمد بن محمد صوفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان

ٿن مھينن تائين جھنگلن ۾ ڦرندو رھيس، ايتري تائين جو منھنجي سڄي ڪل ڳري وئي. آخرڪار مان مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ حاضر ٿي غمگين دلين جي چين، سروَرِ ڪونين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ سلام عرض ڪيو ۽ سمھي پيس. ستل قسمت جاڳي پئي خواب ۾ جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي، شفقت بہ فرمائي ۽ خرچ جي لاءِ درھم(يعني چاندي جا سڪا) بہ عطا فرمايا. (وفاء الوفا،الباب الثامن،فصل الثالث فی توسل...الخ، جز:4 ،جلد:2 ، صفحہ:200 خلاصةً)

۞ اھڙي طرح حضرت ابو الخير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاھ رسالت ۾ پھتا، روضہ انور تي پھچي ڪري عرض ڪيو: اَنَا ضَيْفُكَ يَارَسُوْلَ الله! يعني يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوھان جو مھمان آھيان. ھي چئي منبر جي ويجھو سمھي رھيو، اکيون بند ٿيون، دل جون اکيون کُلي ويون، سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ آيا، پنھنجي عاشق تي عنايتون فرمايون، ڪائڻ جي لاءِ ماني بہ عطا ڪئي، اڌ ماني پاڻ خواب ۾ ئي کائي ڇڏي، جڏھن جاڳيا تہ اڌ ماني اجا ھٿ ۾ ھئي. (وفاء الوفا، الباب الثامن، فصل الثالث فی توسل...الخ، جز:4، جلد:2، صفحہ:200 خلاصةً) مُفَسِّرِشَهِيرحڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏھن مديني پاڪ ۾ حاضر ٿيا تہ اتي سندن ھڪ قلم تمام سنو لڳو، خريدڻ چاھيو پر ايتري رقم موجود نہ ھئي، سو بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪئي، عرض ڪري رھائش وٽ واپس تشريف وٺي آيا، ڪجھ دير کان بعد سندن ھڪ دوست آيو، اھو قلم ان جي ھٿ ۾ ھو، اچي مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پيش ڪيو ۽ چيو: ھي مان اوھان جي لاءِ تحفو کڻي آيو آھيان. مفتي صاحب فرمائن ٿا: مون سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جي عطا سمجھي ڪري رکي ورتو ۽ نيت ڪئي تہ ھن قلم سان قرآن ڪريم جي تفسير لکندس. (حياتِ سالِک، صفحہ:123 خلاصةً)

## مديني جي حاضري جي پھرين رات

مديني جي عاشق، شيخ طريقت، اميرِ اھلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو بہ ھڪ نھايت خوبصورت واقعو آھي، سندن مديني ۾ حاضري جي پھرين رات ھئي. مسجدِ

نبوي شريف جا ظاهري دروازا بند ٿي چڪاهئا، [1] مسجد شريف ۾ چند افراد تهجد جي نماز جي لاءِ موجود هئا، صبحِ صادق جو پاڪ پريو وقت هو، اميرِ اهلِ سنّت ذوق و شوق جي عالَم ۾ نور وَسائيندڙ سبز سبز گنبذ جي زيارت سان لطف وٺندي قَدَمَين شريفَين جي پاسي بابِ جبريل کان سبز سبز گنبذ جي پاڇي ۾ وڃن پيا پوءِ اتان کان اُبتي پير هلي ڪري ٻي پاسي وڃن پيا، عجيب ڪيف و سُرور سان پريل دل جي ڪيفيت هوندي. اهو سرسبز گنبذ جنهن جي زيارت جي لاءِ ڪروڙين اکيون ترسنديون آهن نگاهن جي سامهون آهي. انهيءَ ڪيف و مستي جي عالم ۾ هئا ته هڪ امتحان پيش اچي ويو. ٿيو ڪجهه ايئن ته مديني جي عاشِق کي تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سنّت زلفون سجايل هيون. اُتي موجود هڪ پوليس واري کي خبر ناهي ڇا ذهن ۾ آيو جو اُن اميرِ اهلِ سنّت کي پنهنجي طرف سڏيندي چيو: ”تَعال“ يعني هيڏانهن اچو. جڏهن پاڻ اُن ڏانهن تشريف کڻي ويا ته اُن پڇيو هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ ڪوچهِ جانان (محبوب جي گهر) ۾ ذوق و شوق پريل هنن جذبات کي ڀلا لفظَن ۾ ڪيئن بيان ڪري سگهجي ٿو؟ اللہ بهتر ڄاڻي ٿو اُن کي ڪهڙو وهم ٿي ويو وڏيڪ پڇا ڪندي اُن اميرِ اهلِ سنّت کان پاسپورٽ گهريو، پاڻ فرمايائون: اُهو ته منهنجي رهائش گاهه تي آهي. پوءِ اهو سندن خَمّ دار زُلفن کي ڏسندي چوڻ لڳو: هي ڇا آهي؟ عاشقِ سنّت مسڪرائيندي جواب ڏنو: اَلسُّنَّة يعني هي سنت آهي. شايد ديني معلومات گهٽ هئڻ سبب اُن اميرِ اهلِ سنّت جي ڏاڙهي شريف کي ڇُهَندي چيو: هٰذِهِ السُّنَّة يعني هي ڏاڙهي شريف سنّت آهي، زُلفون سنّت نه آهن. اهو ٻڌندي ئي اميرِ اهلِ سنّت جو خيال هن طرف ويو ته هڪ سال پهريان ئي مسجدِ حرام ۾ ڪجهه شر انگيز ماڻهو آيا هيا جن کي وڏا وڏا وار رکيل هيا اُنهن اُتي وڏيون ٻي ادبيون ڪيون ۽ ان دردناڪ واقعي ۾ ڪيئي حُجّاج ڪِرام

---

[1] ...انهن ڏينهن ۾ مسجد شريف زائرين جي لاءِ سڄي رات کليل نه رهندي هئي.

شهيد بہ ٿيا پوءِ انھن کي پڪڙي ڪري هميشہ جي ننڊ سمهاريو ويو. لڳي ٿو هن پوليس واري جي ذهن ۾ اهو پيو اچي تہ مان اُنھن مان آهيان. پوءِ اُن پنھنجي هڪ ٻئي ساٿي کي جيڪو قريب وينو اوٻاسيون ڏئي رهيو هيو پير سان ٺُڏو هڻي ڪري اٿاريو. اُن اٿندي ئي بندوق سنڀالي. نمازِ فجر جو وقت ويجهو هو ۽ وضو وغيره جي حاجت بہ هئي اهڙي صورت حال ۾ مديني جي عاشقِ جي دل وڏي بيقرار پئي ٿئي تہ خبر ناهي هي ڇا ڪرڻ چاهين ٿا، پوليس واري ويجهو ئي هڪ ڪوٺڙي جيان ڪمري جو دروازو کولي ڪري اندر داخل ٿيڻ جو چيو. اميرِ اهلِ سنّت دل ئي دل ۾ اهو سوچي ڪري پريشان ٿي ويا تہ خدانخواستہ جيڪڏهن مون کي هي ماٺهو هتي ڇڏي ڪري هليا ويا تہ طهارت و وضو پڻ نماز جي ادائيگي ڪيئن ٿي سگهندي؟ انهيءَ سوچ ۾ بي اختيار سندن جي زبان مبارڪ مان پنھنجي مادري زبان ميمڻي ۾ نڪتو:"يارسولَ الله! ڪِڏا قسائي ويو" يعني يا رسولَ الله! مان ڪٿي ڦاسي ويس؟ مديني جي ديواني جي زبان مان هِن جملي جو نڪرڻ هيو تہ شعرِ رضا

والله وہ سُن لیں گے فریاد کو پہنچیں گے　　اِتنا بھی تو ہو کوئی جو آہ کرے دِ ل سے

(حدائق بخشش،ص143)

جي مِصداق مديني جي آقا جي مدد اچي وئي، فرياد ٻڌي وئي. پوليس واري هڪ دم ڪلندي دروازو بند ڪيو: سندن کي وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.

مدد سرکار فرماتے ہیں دیوانہ اگر کوئی　　تڑپ کر یارسولَ اللہ کا نعرہ لگاتا ہے

(وسائل بخشش،ص436)

## (3): مدينو بڻي آهي

بخاري شريف ۾ آهي، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! فرمايو: اَلْمَدِيْنَةُ كَالْكِيْرِ تَنْفِيْ خُبْثَهَا وَ يَنْصَعُ طَيِّبَهَا مدينو بڻي جيان آهي جيڪا لوهہ جي مَرُ کي پري ڪري ڇڏيندي آهي ۽

سني کي خالص ڪري ڇڏيندي آهي.

سُبۡحٰنَ اللّٰه! اهو بہ مديني پاڪ جو نرالو شان آهي، عالم سڳورا فرمائن ٿا: هيءَ مديني جي زمين جي تاثير آهي جو هتي جيڪو غير مسلم يا منافق اچي ٿو مدينو پاڪ انهن کي مخلص مؤمن بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن اهو ڪو ازلي بدبخت هجي، ڏاڍو ضدي ڪافر يا منافق هجي تہ مدينو پاڪ اهڙي گندي کي هتان ڪڍي ٻاهر ڪندو آهي. (1)

## يومُ الخِلاص (يعني صفائي جو ڏينهن) ڇا آهي...؟

مُسۡنَدِ احمد جي روايت آهي، هڪ ڀيري پياري آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خطبو ارشاد فرمايو، هن دوران پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ 3 ڀيرا فرمايو: يَوۡمُ الۡخِلَاص وَ مَايَوۡمُ الۡخِلَاصِ صفائي جو ڏينهن...! صفائي جو ڏينهن ڇا آهي؟ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: **يارسول اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! يَوۡمُ الۡخِلَاص **مان ڇا مراد آهي؟ پاڻ ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **فرمايو: (قيامت جي ويجهو) دجّال ايندو ۽ احد جبل تي چڙهي مديني پاڪ جي طرف ڏسندو ۽ پنهنجي ساٿين کي چوندو: ڇا اوهان سفيد محل کي ڏسي رهيا آهيو؟ اها احمدِ (مجتبٰي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**) جي مسجد آهي، پوءِ دجال مديني پاڪ ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندو پر مديني پاڪ جي سيني رستن تي ملائڪ حفاظت جي لاءِ موجود هوندا (بهرحال شيطان دجال هتي داخل نہ ٿي سگهندو) آخرڪار مديني پاڪ جي ويجهي هڪ کاري زمين تي ويهندو، پوءِ مديني پاڪ ۾ 3 ڀيرا زلزلو ايندو، جنهن سان سمورا منافق گهٻرائجي مديني مان نڪري دجّال وٽ پهچي ويندا. اهو** يَوۡمُ الخِلَاص **(يعني مديني پاڪ جي صفائي)** جو ڏينهن آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان خبر پئي تہ مدينو پاڪ ڪنهن بي ايمان کي پنهنجي اندر پناهہ نہ ڏيندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اها بہ خبر پئي تہ جيڪي مديني جا سچا

---

[1]...وفاء الوفاء، جُز اول، باب: دوم۔

عاشق آهن، جيڪي پڪي ايمان وارا آهن، اهي ڪنهن به حالت ۾ مدينو نه ڇڏيندا، ڏسو! قيامت جي ويجهو مديني پاڪ ۾ زلزلو ايندو، ان وقت هتي مخلص مسلمان به هوندا، منافق ۽ لڪيل ڪافر به هوندا، منافق ته زلزلي ڪان گهبرائي ڪري مدينو ڇڏي ڏيندا پر مخلص مسلمان، سچا ۽ پڪا عاشق ان وقت به مدينو ڇڏي ڪري ڪيڏانهن نه ويندا. سُبۡحٰنَ اللهُ! اها آهي سچي عاشق ۽ مسلمان جي سڃاڻپ...!!

| | |
|---|---|
| ٹھکانا مل گیا ہے فاتحِ محشر کے دامن میں | مدینہ چھوڑ کر اب اُن کا دِیوانہ نہ جائے گا |
| جو آنا ہے تو خُود آئے اَجَلِ عمرِ اَبَد لے کر | مدینہ چھوڑ کر اب اُن کا دِیوانہ نہ جائے گا |
| بڑی مشکل سے آیا ہے پلٹ کر اپنے مرکز پر | مدینہ چھوڑ کر اب اُن کا دِیوانہ نہ جائے گا |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4): مدينو گناهه مِٽائڻ وارو شهر آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حديث پاڪ ٻڌي، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلۡمَدِيۡنَةُ كَالۡكِيۡرِ تَنۡفِيۡ خُبُثَهَا وَ يَنۡصَعُ طَيِّبَهَا مدينو بڻي جيان آهي جيڪا لوهه جي مَرُ ڪي پري ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سني کي خالص ڪري ڇڏيندي آهي.

هن حديث پاڪ جي شرح ۾ عالم سڳورن اهو به لکيو ته مدينو اهو مبارڪ شهر آهي جو بدبخت ضدي ڪافرن ۽ منافق کي ته هتان ڪڍي ڇڏيندو آهي پر اهو مسلمان جنهن دل سان ڪلمو پڙهيو، پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!جو سچو عاشق هجي پر نفس جي شامت سبب گناهه ڪري وينو هجي، گناهه ڪري ڪري ان جي دل ميري ٿي وئي هجي، اهو جيڪڏهن مديني پاڪ ۾ اچي وڃي ته مدينو پاڪ ان جي گناهن کي ڌوئي ڪري پاڪ صاف ڪري ڇڏيندو آهي.

## اي زائرِ روضۂ انور! بخشش حاصل ڪري موٽو!

حضرت سيدنا حاتِمِ اَصَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رحمتِ عالم، نور مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ وٽ بيهي دعا ڪئي: ياربّ ڪريم! مون تنهنجي حبيب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر اطهر جي زيارت ڪئي، هاڻي تون مون کي نامراد نہ موٽاءِ. آواز آيو: اي ٻانها! اسان توکي پنهنجي محبوب جي مزار شريف جي زيارت جي اجازت ئي تڏهن ڏني جڏهن توکي پاڪ ڪرڻ چاهيو ٿي، هاڻي تون ۽ تو سان گڏ زيارت ڪرڻ وارا بخشش حاصل ڪري موٽي وڃو، بيشڪ **الله** پاڪ تو کان ۽ انهن سڀني کان راضي ٿي ويو جنهن پياري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي شريف جي زيارت ڪئي. [1]

سُبۡحٰنَ الله! اهو آهي مدينو...! مدينو ٻني آهي جيئن ٻني لوهہ کي گرم ڪري ان جو زنگ لاهي ڇڏيندي آهي، ائين ئي مدينو پاڪ هتي اچڻ وارن کي گناهن کان پاڪ صاف ڪري ڇڏيندو آهي.

کوئی منصُور، کوئی بَن کے غزالی آئے | اُن کے دربار سے ہو کر جو سُوالی آئے
اُن کی رحمت کو تو یہ بات گوارا ہی نہیں | اُن کی چوکھٹ پہ کوئی جائے تو خالی آئے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (5) مدينو ايمان کي تازگي بخشيندو آهي

بخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي: حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه روايت ڪن ٿا: اِنَّ الۡاِيۡمَانَ لَيَاۡرِزُ اِلَى الۡمَدِيۡنَةِ كَمَا تَاۡرِزُ الۡحَيَّةُ اِلٰى جُحۡرِهَا بيشڪ ايمان مديني جي طرف سمٽجي ويندو آهي جيئن نانگ پنهنجي ٻرڙ (سوراخ) جي طرف سمٽجي ويندو آهي. [2]

---

1 ...روض الفائق، صفحہ:306۔

2 ... بخاری، کتاب فضائل المدینہ، صفحہ:498، حدیث:1876۔

هيءَ وڏي ايمان افروز حديث پاڪ آهي، عالم سڳورن هن حديث جون مختلف معنائون بيان ڪيون آهن، هڪ معنٰي تہ هيءَ آهي تہ قيامت جي ويجهو دجال نڪرندو تہ سڄي دنيا ۾ ايمان بچائڻ جي لاءِ ڪا پناهہ واري جڳهہ نہ هوندي، ان وقت ايمان مديني پاڪ ۾ سمٽجي ويندو، مديني کان علاوه ايمان وارا ڪٿي بہ نہ هوندا. محدثين ڪرام ان جي هڪ ٻئي معنٰي بيان ڪئي آهي: فرمائن ٿا: ٿورو ڏسو! مڪي مدني، محمدِ عربيصَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن مديني ۾ ايمان سمٽجڻ کي نانگ سان تشبيہ ڏني آهي، يعني فرمايائون تہ جيئن نانگ پنهنجي ٻرڙ (يعني سوراخ) ۾ هليو ويندو آهي، ايئن ئي ايمان مديني ۾ هليو ويندو، ٿورو غور ڪريو! نانگ پنهنجي ٻرڙَ مان ٻاهر نڪرندو آهي، پنهنجي ضرورت جون شيون ڪٽندو آهي، ڪاڏو وغيره ان کي ڳولهٽو هوندو آهي، اهو ڳولهيندو آهي، ٻاهر گهمندي گهمندي ان تي سج جي اُس پوندي آهي، گرمي پوندي آهي، دَزي (مٽي) پوندي آهي جنهن سان ان جي کل پراڻي ٿي ويندي آهي سال ۾ ڪجهہ وقت ايئن گذاريندو آهي جو اهو لِڪي ويندو آهي، ٻاهر ناهي نڪرندو، جڏهن پنهنجو وقت پورو ڪرڻ کان بعد اهو ٻاهر نڪرندو آهي تہ ان جي کلَ تبديل ٿي چڪي هوندي آهي، پراڻي کل لهي ويندي آهي، نئين تازي چمڪندڙ کلَ ان جي مٿان اچي ويندي آهي.

اها ئي ڳالهہ حديث پاڪ ۾ ٻڌائي وئي تہ جهڙي طرح نانگ سوراخ ۾ ويندو آهي تہ ان جي کلَ تازي چمڪندڙ ٿي ويندي آهي، ايئن ئي جڏهن ٻانهو دنيا ۾ هوندو آهي، ٻين شهرن ۾ رهي رهيو هوندو آهي تہ ان تي شيطان بہ حملو ڪندو آهي، نفس گناهہ بہ ڪرائيندو آهي، دنيا داري جي طرف دل مائل بہ ٿي ويندي آهي، جنهن جي ڪري ايمان ڪمزور ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي، ان وقت ايمان کي ٻيهر تازگيءَ جي ضرورت پوندي آهي ۽ هيءَ تازگي ڪيئن ملندي آهي؟ فرمايائون: اِنَّ الۡاِيۡمَانَ لَيَاۡرِزُ اِلَى الۡمَدِيۡنَةِ ايمان مديني جي طرف مڙي ويندو آهي. يعني جڏهن عاشقانِ رسول دنيا ۾ رهندا آهن ٻين شهرن ۾، پنهنجي پنهنجي علائقن

۾ رهندا آهن، اتي هنن کي دنيادارن سان بہ واسطو پوندو آهي، شيطان سان بہ واسطو پوندو آهي، نفس بہ گناهہ تي اپاريندو آهي، هاڻي انهن جو ايمان ڪمزور ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي، پوءِ هو مديني پاڪ پهچندا آهن تہ مدينۂ منوره جي آب و هوا اهڙي نرالي، اهڙي ايمان تازو ڪندڙ آهي جو ان جي برڪت سان ايمان کي ٻيهر تازگي ملي ويندي آهي.

## مديني جي کَٽل سان ايمان جي تازگي

وڏو عاشقِ رسول، حضرت مُحدّثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه مديني پاڪ سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي محفل ۾ اڪثر مديني شريف جو ذڪر ٿيندو رهندو هو، جيڪڏهن ڪو مديني پاڪ جو زائر سندن وٽ حاضر ٿيندو هو تہ ان کان مديني پاڪ جا حالات پڇندا هئا، مديني پاڪ جي رهائشي عاشقانِ رسول جي خيريت پڇندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو تبرڪ پيش ڪندو هو تہ وڏي خوشيءَ سان قبول فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري هڪ حاجي صاحب مديني پاڪ کان واپس آيو، هُو کجور کڻي حاضر ٿيو ۽ حضرت مُحدّثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي خدمت ۾ پيش ڪيائون، ان وقت حديث جو درس جاري هو (يعني ڪلاس لڳل هو) حضرت مُحدّثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه حديث شريف پڙهائي رهيا هئا، پاڻ مديني پاڪ جون کجورون تمام طالبن ۾ ورهايون ۽ هڪ کجور پنهنجي ڏاڍن جي هيٺيان دٻائي رکي، پوءِ فرمايائون: خرماءِ مدينہ (يعني مديني جي کجي) جيستائين سنهي سنهي ٿي ڪري اندر ويندي رهندي، ايمان تازو ٿيندو رهندو. (1)

هوائیں آرہی ہیں کوچۂ پُرنورِ جاناں کی | کِھلی جاتی ہیں کلیاں، تازگی دِل کو میسر ہے (2)

[1]... حياتِ محدث اعظم پاڪستان، صفحہ:155.

[2]... ذوقِ نعت ،صفحہ:256.

سُبْحٰنَ اللّٰه! خبر پئي! جيڪي عاشق آهن، انهن جو ته ايمان مديني جو نالو ٻڌي ڪري به تازو ٿي ويندو آهي، عاشقن جو ايمان مديني جون شيون ڏسي ڪري مديني پاڪ کان آيل تبرڪات کي ڏسي ڪري مديني پاڪ جون کجورون کائي پنهنجي شهر ۾ رهي ڪري به انهن جو ايمان تازو ٿي ويندو آهي، ته جڏهن اهي مديني پهچندا ته پوءِ ايمان جي تازگيءَ جو عالم ڇا هوندو؟.

## (6): مدينو پاڪ شفا ڏيندڙ شهر آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني پاڪ جي پيارن پيارن، سهڻن سهڻن، سنن سنن نالن مان هڪ پيارو نالو آهي: اَلشَّافِيه يعني شِفَا ڏيڻ وارو شهر. ۞ مديني پاڪ جو اهو نالو ان ڪري آهي جو الله پاڪ جي حبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو: غُبَارُ الْمَدِيْنَةِ شِفَاءٌ مديني پاڪ جو غُبَار شِفَا جو سبب آهي. (جامع صغير، صفحه:355، حديث:5753) ۞ هڪ حديثِ پاڪ ۾ ته پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قسم کڻي فرمايو: وَالَّذِی نَفْسِی بِیَدِہٖ ان ذات جو قسم جنهن جي قبضهءِ قُدرت ۾ منهنجي جان آهي اِنَّ فِیْ غُبَارِھَا شِفَاءً مِّنْ کُلِّ دَآءٍ بيشڪ مديني پاڪ جي غُبار ۾ هر بيماري جي شِفَا آهي. (الترغيب والترهيب، في سکنى المدينه، صفحه:416، حديث:28) ۞ بخاري شريف جي حديث پاڪ آهي، اُمُّ المؤمنين، بي بي عائشه صديقه طيبه طاهره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: ڪنهن شخص کي ڦٽ ڦُرڙي وغيره ٿيندي هئي ته طبيبن جا طبيب، الله پاڪ جا حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آڱر مبارڪ رکي فرمائيندا هئا: بِسۡمِ اللّٰه! الله پاڪ جي حڪم سان اسان جي شهر جي مٽيءَ اسان جي بعض جو لُعَاب اسان جي بيمارن کي شفا ڏيندو آهي. [(1)]

---

[1] ...بُخاري، ڪتاب:الطب، صفحه:1452، حديث:5746ملتقطاً۔

مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان جو خُلاصو آهي: پهريان نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مَرض جي جڳهه تي آڱر رکندا هئا، پوءِ آڱر تي پنهنجو لُعَاب شريف لڳائيندا هئا، پوءِ مٽي لڳائيندا هئا ۽ ان جو ليپ مرض جي جڳهه تي هٿي فرمائيندا هئا: الله پاڪ جي حڪم سان اسان جو لُعَاب ۽ مديني جي مٽي شِفَا آهي. (1)

## خاڪِ مدينہ جي برڪت سان شِفَا ملڻ بابت ٻہ حڪايتون

❁ شيخ مَجدُ الدّين فيروز آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجو غلام هڪ سال کان بخار ۾ ورتل هو، مون خاڪِ شفا کڻي ۽ پاڻي ۾ (ٿوري مقدار) ملائي پيئاري تہ اَلْحَمْدُلله انهيءَ ڏينهن ئي شفاياب ٿي ويو . (2) ❁ شيخ عبد الحق مُحَدّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان مديني پاڪ حاضِر هيس، ڪنهن مرض جي ڪري منهنجو پير سُڄي ويو، طبيبن ان کي خطرناڪ مرض قرار ڏنو ۽ علاج کان هٿ کڻي ويا. مون مديني پاڪ جي مٽي کڻي ۽ استعمال ڪرڻ شروع ڪئي. اَلْحَمْدُلله ٿورن ئي ڏينهن ۾ وڏي آسانيءَ سان اها سوڄ ختم ٿي وئي. (3)

سُبحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول ! مديني پاڪ جي مبارڪ مٽي ۾ الله پاڪ اهو تاثِير رکيو آهي جو ان جي برڪت سان ظاهري جسم جا مرض بہ نيڪ ٿي ويندا آهن ۽ گُنَاهن جي مرضن کان بہ شِفَا ملندي آهي، هائو! عقيدو نيڪ هئڻ ضروري آهي.

جس خاک پہ رکھتے تھے قدم سیّد عالم | اُس خاک پہ قرباں دلِ شیدا ہے ہمارا

---

[1] ...مرآۃ المناجیح، جلد:2، صفحہ:407خلاصۃً۔

[2] ...جزب القلوب، صفحہ:27۔

[3] ...عاشقانِ رسول کی 130حکایات، صفحہ:67۔

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الأمت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: جيڪو پاڻي هڪ روايت جي مطابق حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي قدمن مان جارِي ٿيو، يعني آبِ زَم زَم، جڏهن اهو بيمارن کي چڱو ڀلو ڪري ٿو ته جنهن خاڪ تي تمام نبين جي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قدم رکيا آهن، اها مبارڪ خاڪ "خاڪِ شِفَا" ڇو نه ٿيندي..!! (1)

جس خاک پہ رکھتے تھے قدم سیّد عالم | اُس خاک پہ قرباں دلِ شیدا ہے ہمارا

الحمد لله! عاشِقِ مدينه، عاشِق والِيءِ مدينه، شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي ڏنو ويو ته پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مديني پاڪ جي مٽي شريف کي باقاعده سرمداڻي جي سِرائي تي لڳائي اکين ۾ وڌائون بلڪ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مديني پاڪ جي نصيب وارن ڪبوترن جي پيرن جي نشانن مان خاڪِ مدينه ڪٺي، سرمداڻي جي سرائي تي لڳائي پنهنجي اکين ۾ وڌائون.

لگاؤ تم آنکھوں میں خاکِ مدینہ | کوئی اس سے بہتر بھی سرمہ بھلا ہے
مریضو! اُٹھا کر کے خاکِ مدینہ | کو لے جاؤ! اس میں یقیناً شفا ہے
مدینے کی مٹی ذرا سی اُٹھا کر | پیو گھول کر ہر مرض کی دوا ہے
عقیدت سے خاکِ مدینہ بدن پر | ملو تم ہر اِک درد کی یہ دوا ہے
بدن پر ہے عطّار کے خاکِ طیبہ | پرے ہٹ جہنّم ترا کام کیا ہے (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ...رسائل نعيميه، اسرارالاحکام، صفحه:306۔

[2] ...وسائل بخشش، صفحه:465۔

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو! ❁ مدينو پاڪ عاشقن جي جنت آهي ❁ قرآن ڪريم ۾ مديني پاڪ کي اَرْضُ الله (يعني الله جي زمين) فرمايو ويو آهي ❁ مديني جي هر شيءِ برڪت واري آهي ❁ اتي مڪي پاڪ جي نسبت ٻيڻي برڪت رکي وئي آهي ❁ مدينو مرادون پوريون ٿيڻ جو مقام ❁ مدينو ٻني آهي يعني هي اهو مبارڪ شهر آهي جيڪو ازلي بدبخت، ضدي ڪافرن ۽ منافقن کي قبول ناهي فرمائيندو ۽ جيڪو پڪو مسلمان، سچو عاشقِ رسول هتي اچي وڃي، ان کي گناهن جي گندگي کان نجات ڏئي ڇڏيندو آهي ❁ الحمد لله! مدينو پاڪ گناهه مِٽائڻ وارو شهر آهي ❁ مدينو پاڪ ايمان کي تازگي بخشڻ وارو شهر آهي ❁ ۽ الله پاڪ جي عطا سان، الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان مديني پاڪ جي خاڪ ۾ سيني بيمارين جي شفا رکي وئي آهي. مديني پاڪ جون ٻيون به ڪوڙ ساريون برڪتون آهن پر حقيقت اها ئي آهي ته

زندگياں ختم ہوئيں اور قلم ٹوٹ گئے | تیرے اَوصاف کا اِک باب بھی پُورا نہ ہوا

ڪير آهي جيڪو رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان نسبت رکڻ واري ڪنهن به شيءِ جي پوري طرح فضيلت بيان ڪري سگهي ٿو...!! اسان دعا ڪيون ٿا ته جيڪو مختصر طور تي اسان مديني پاڪ جو ذڪر ڪيو، الله پاڪ ان جي برڪت سان اسان کي عشقِ مدينه نصيب فرمائي، شوقِ مدينه نصيب فرمائي، ڪاش! مديني پاڪ ۾ بار بار حاضري ٿئي، آخر ۾ بقيع پاڪ ۾ ٻه گز زمين ملي وڃي، الله پاڪ اسان سيني کي عشقِ مدينه، ذوقِ مدينه، ذڪرِ مدينه، فڪرِ مدينه، يادِ مدينه جي دولت نصيب فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

عجب رنگ پر ہے بہارِ مدینہ | کہ سب جنتیں ہیں نثارِ مدینہ
ملائک لگاتے ہیں آنکھوں میں اپنی | شب و روز خاکِ مزارِ مدینہ
رہیں اُن کے جلوے بسیں اُن کے جلوے | مرا دل بنے یادگارِ مدینہ
مری خاک یاربّ نہ برباد جائے | پسِ مرگ کردے غبارِ مدینہ [1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتِماع

پيارا اسلامي ڀائرو! دِل ۾ عشق مدينه وڌائڻ، يادِ مدينه، ذِڪرِ مدينه ڪرڻ، گُنَاهن ۽ فضوليات کان بچڻ، سنتي، بامقصد، سنتن ڀري ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ به خوب حِصّو وٺو، انشآءَ الله الڪريم! دُنيا ۽ آخرت ۾ ان جون بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي: هفتيوار اِجتِماع.

الحمد لله! هر جمعرات جو مغرب جي نماز کان پوءِ ۽ بعض هنڌن تي عِشَاء جي نماز کان پوءِ دعوتِ اسلامي جو هفتيوار سنتن ڀريو اِجتِماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ تِلاوت، نعت، بيان ۽ ذِڪر و دُعا ٿيندي آهي ۽ آخر ۾ سکڻ سيکارڻ جا حلقه به لڳايا ويندا آهن، اهڙي طرح هفتيوار اِجتماع جي ذريعي نيڪيون ڪمائڻ ۽ عِلمِ دين حاصِل ڪرڻ جو خوب موقعو ملندو آهي، اوهان به پَڪي نيت فرمايو ته اِن شَآءَ الله الڪرِيم! هر جمعرات پابندي سان پاڻ به هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪندس ۽ نيڪي جي دعوت ڏئي ٻين کي به گڏ آڻيندس.

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:212-213۔

## ٽيبل ٽينس جو شوقين ڪيئن سُڌري ويو...؟

ڪراچي جي رهڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ هو مذهبي ذِهن نہ هئڻ سبب فضول ڪمن ۾ پنهنجا ڏينهن رات گذاري رهيو هو، گُنَاهن جو بہ سلسلو جاري هو، ۽ ان کي ٽيبل ٽينس جو بيحد شوق هو، شام ٿيندي ئي ٽيبل ٽينس کيڏڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويندو هو ۽ بعض اَوقات اهو سلسلو رات دير تائين جارِي رهندو هو، هڪ ڀيري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ ان کي ۽ ساٿس گڏ کيڏڻ وارن کي نماز پڙهڻ ۽ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي، اسلامي ڀاءُ انهن کي مسلسل نيڪي جي دعوت پيش ڪندو رهيو، نيٺ اهي ٽيبل ٽينس جا شوقين هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳا، الحمدلله! هفتيوار اجتماع جي برڪت سان آهستہ آهستہ ان جي دِل نرم ٿي وئي، ان جي دِل جي ڪاراڻ ختم ٿيڻ لڳي، ان پنهنجي تمام گُنَاهن کان توبہ ڪئي ۽ فضوليات کي ڇڏي دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

يہاں سُنّتيں سيکھنے کو مليں گی | دِلائے گا خوفِ خُدا مدنی ماحول
تُو آ بے نمازی، ہے دیتا نمازی | خُدا کے کرم سے بَنا مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٿي ڀيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت وسي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟

فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۾ بين ڪي سيڪارڻ وارا. (جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث:220)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## "غمخواري" سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو ڪنهن غمزده شخص سان تعزيت (يعني غمخواري )ڪندو ته الله پاڪ ان کي تقوي جو لباس پارائيندو، ۽ رُوحن جي وچ ۾ ان جي رُوح تي رحمت فرمائيندو، ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت زده سان تعزيت (يعني غمخواري) ڪندو الله پاڪ جنت جي لباسن مان اهڙو لباس عطا ڪندو جنهن جي قيمت دُنيا به نٿي تي سگهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! غمخواري ڪرڻ سنّت مصطفٰي آهي ❁ اسان جا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اصحابن سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضوَان جي حالات جي مَعلُومَات ڪندا هئا ۽ ضرورت موجب اُنهن جي غم خواري به ڪندا هئا، مثال طور ❁ جيڪڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو ان جي عيادت ڪندا هئا ❁ ڪو سفر ۾ هوندو هو ته ان جي لاءِ دُعا ڪندا هئا ❁ ڪنهن جو انتقال ٿي ويندو هو ته ان جي لاءِ بخشش جي دُعا ڪندا هئا. رِوايت آهي ته هڪ حبشي عورت يا مرد مسجد ۾ ٻهارو ڏيندو هو، هڪ ڏينهن ان کي مسجد ۾ نه ڏٺائون، ته ان جي بابت پڇيائون؟ عرض ڪيو ويو: ان جو انتقال ٿي ويو آهي، ارشاد فرمايائون: توهان مون کي ڇو نه ٻڌايو؟ مون کي ان جي قبر تي وٺي هلو! پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي قبر تي ويا ۽ بخشش لاءِ دعا

---

[1] ...مُعْجَمُ الْأَوْسَط، جلد:6، صفحہ:429، حديث:9292۔

فرمائي. ۞ [1] هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بارگاهہ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون تي غم ۽ قرض وڌي ويو آهي. غمخوار نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان جي غمخواري ڪندي قرض لاهڻ جو وظيفو ٻڌايو، اِرشاد فرمايائون: روزانو صبح ۽ شام جي وقت اهو پڙهي وٺندا ڪيو:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْهَمِّ وَالْحُزْنِ وَأَعُوْذُبِكَ مِنَ الْعَجْزِ وَالْكَسَلِ وَاَعُوْذُبِكَ مِنَ الْجُبْنِ وَالْبُخْلِ وَاَعُوْذُبِكَ مِنْ غَلَبَةِ الدَّيْنِ وَقَهْرِ الرِّجَالِ

اهو صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائي ٿو: مون اهو عمل ڪيو تہ الله پاڪ منهنجو غم پري ڪيو ۽ منهنجو قرض ادا ڪرائي ڇڏيو. (ابو داؤد، ڪتاب: الصلاة، صفحہ:252، حديث:1555)

پيارا اسلامي ڀائرو! سُنّتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي عمل ڪندي اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي عزيز رشتيدارن، مسلمان ڀائرن، پاڙيسرين ۽ دوست احباب جي غمخواري ڪري ثواب ڪمايون. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...بُخاری، کتاب: الجنائز، باب: الصلاۃ علی القبر، صفحہ:375، حدیث:1337۔